# صابر پيا ڪَلِيَري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جون حڪايتون

سندھی




پيشڪش: مجلس المدينة العلميه (دعوت اسلامي)
ترجمو: ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَ الصَّلٰوۃُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي چڏيو اِنۡ شَآءَاللہ جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰھُمَّ افۡتَحۡ عَلَیۡنَا حِکۡمَتَكَ وَانۡشُرۡ عَلَیۡنَا رَحۡمَتَكَ یَا ذَاالۡجَلَالِ وَالۡاِکۡرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج 1 ص40 دار الفڪربيروت)



طالب غم
مدينه
بقيع
و
مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**


رسالي جو نالو: صابر پيا ڪَلِيَرِي جون حڪايتون

ڇاپو پهريون: ربيع الاول 1441هه، آڪٽوبر 2020ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه بابُ المدينه ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي به هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


## ڪتاب خريد ڪندڙ توجه فرمائن

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن ته مڪتبة المدينه سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوتِ اسلامي، حضرت علامہ

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

جو اُردو زبان ۾ رسالو

# صابر پيا ڪَلْيَرِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جون حڪايتون

## ترجمو پيشڪش

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينہ ڪراچي**

UAN: ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ۭ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ۭ

# صابر پيا ڪَلْيَرِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه

# جون حڪايتون

## دعاءِ عطار

ياربّ ڪريم! جيڪو 16 صفحن جو رسالو ”صابر پيا ڪَلِيَرِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جون حڪايتون“ پڙهي يا ٻڌي وٺي ان کي اولياءِ ڪرام جو باادب بڻاءِ ۽ ان جي بي حساب مغفرت فرماءِ.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## درود شريف جي فضيلت

الله پاڪ جي آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: ”جنهن مون تي هڪ ڀيرو درودِ پاڪ پڙهيو الله پاڪ ان تي ڏهه رحمتون نازل فرمائيندو.“

(مُسلم شريف، ص216، حديث408)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## فرمانبردار مريد

سلسلي چشتيه عاليه جي عظيم بزرگ حضرت بابا فريد الدّين مسعود گنج شڪر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي بارگاهہ ۾ سندن ڀاڻيجو ۽ مريد علمِ دين سکڻ جي لاءِ حاضر ٿيو تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سڀ کان پهريان فرض ۽

نفل نمازن تي استقامت اختيار ڪرڻ جي نصيحت فرمائي ۽ انهن کي لنگر خاني جي ذميواري عطا فرمائي. جيئن ته پيرومرشد لنگر ورهائڻ جو حڪم فرمايو هو ان مان کائڻ جي واضع طور اجازت ڪانہ ڏني هئي، لهٰذا اهو سعادتمند مريد مرشد جي حڪم تي عمل ڪندي لنگر خاني جو ڪاڏو تقسيم ڪندو هو پر پاڻ ان مان هڪ گرهہ بہ نہ ڪائيندو هو. سڄو ڏينهن روزي سان رهندو ۽ جهنگلي وڻن جي پنن، ميون ۽ گلن تي روزو افطار ڪندو هو. ڪجهہ عرصي تائين اهو سلسلو جاري رهيو پر ان رياضت جي ڪري سندن جسم نهايت ڪمزور ٿي ويو. جڏهن حضرت بابا فريد الدّين مسعود گنج شڪر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي سعادتمند پاٽيجي ۽ ڪامل مريد جي اها ڪيفيت ڏٺي تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پڇيو: اوهان ڪاڏو تقسيم ڪري پاڻ بہ ڪجهہ ڪائيندا آهيو يا نہ؟ سعادتمند مريد نگاهون جهڪائي نهايت ادب سان بارگاهِ مرشد ۾ عرض ڪيو: يامرشدي! اوهان ڪاڏو ڪارائڻ جو حڪم فرمايو هو، مون ۾ ايتري مجال ڪٿي جو مرشد جي اجازت کانسواءِ هڪ داڻو بہ ان مان ڪائي سگهان؟ اِهو جواب ٻڌي حضرت بابا فريد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سعادتمند پاٽيجي ۽ ڪامل مريد جي صبر تي ڏاڍو خوش ٿيا ۽ سيني سان لائي ”صابر“ جي لقب سان نوازيو.

(فيضانِ حضرت صابرپاڪ، ص 2)

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت سيّدُنا فريدُ الدين مسعود گنج شڪر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي بارگاهہ مان صابر جو لقب ماڻڻ وارا ڪامل مريد”باني سلسلهءِ چشتيہ صابريہ حضرت سيّد علاءُ الدّين علي احمد صابر ڪَلِيَرِيَ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه آهن.

## تهجد جي وقت ملاقات

پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي ولادت 19 ربيع الاول 592 هجري بمطابق 19 فيبروري 1196 عيسوي ۾ بروز جمعرات تهجد جي نماز وقت هرات (افغانستان) ۾ ٿي.

پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه حسني سيّد آهن ۽ حضورِ غوثِ اعظم رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي اولاد مان آهن. حضرت سَيّدنا ابو القاسم گرگاني رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه سندن ڪن ۾ آذان ڏني ۽ فرمايو: هيءُ ٻار قطبِ عالم ٿيندو. (فيضانِ حضرت صابرپاڪ، ص 3_5 ملتقطاً)

## خواب ۾ خوشخبري

منقول آهي ته پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي ولادت کان پهريان حضرت سيّدُنا عليُّ المرتضي رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ خواب ۾ ”علي“ نالو رکڻ جو حڪم فرمايو پوءِ نبيّ اڪرم، نور مجسّم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خواب ۾ اچي”احمد“ نالو رکڻ جو حڪم فرمايو.

ائين سندن نالو علي احمد رکيو ويو. پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي ولادت کان پوءِ هڪ بزرگ پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي والدِ محترم کان ملاقات جي لاءِ تشريف وٺي آيو ۽ پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کي ڏسي فرمايو:”**هي ٻار علاءُ الدّين چورائيندو**.“ (حضرت مخدوم علاءُالدّين علي احمد ڪليري،ص42 ملخصاً) پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي مامي حضرت سيّدُنا بابا فريد الدّين گنجِ شڪر رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه سندن صابر جو لقب عطا فرمايو. (فيضانِ حضرت صابرپاڪ،ص5) اهو ئي سبب آهي جو پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کي ”علاءُ الدّين علي احمد صابر“ جي نالي سان شهرت ملي.

# الله پاڪ جو نالو سيکاريو

اي عاشقانِ اولياءِ ڪرام! ڪير پياڪ بار جي سامهون هروقت الله، الله ڪندو رهڻ گهرجي ته جڏهن زبان کُلي ته زبان مان پهريون نالو"الله" ئي نڪري.

منهنجا آقا اعليٰ حضرت مولانا شاه امام احمدرضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: (ٻار کي) ڳالهائيندي ئي "الله، الله" پوءِ سجو ڪلمو طيّبہ: لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللهِ سيڪاريو. (اولاد کے حقوق، ص۲۰)

صحابي ابن صحابي، جنتي ابن جنتي حضرتِ سَيدُنا عبدالله بن عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا کان روايت آهي ته حضوراڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: "پنهنجي ٻارن کي زبان مان سڀ کان پهريان لَآ اِلٰهَ اِلَّا الله چوراايو." (شعب الايمان، جلد6 ص397، حديث:8249)

شيخ طريقت، اميراهلِسنت باني دعوتِ اسلامي حضرت علامه مولانا محمدالياس عطار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي ڌوهٽيءَ جي لاءِ سيني گهر وارن کي فرمائي ڇڏيو هو ته هن جي سامهون "الله الله جو ذڪر ڪندا رهو ته جيئن هن جي زبان مان پهريون لفظ "الله" نڪري ۽ جڏهن اها ڌوهٽي اميرِاهلِسنت جي بارگاه ۾ آندي ويندي هئي ته پاڻ به هن جي سامهون ذِڪرالله ڪندا هئا. جيئن ته جڏهن ان ڳالهائڻ شروع ڪيو ته پهريون لفظ "الله" ئي ڳالهايائين. (تربيتِ اولاد، ص 100)

يا الٰہی دکھا ہم کو وہ دن بھی تو  آبِ زم زم سے کر کے حرم میں وضو
باادب شوق سے بیٹھ کے قبلہ رو  مل کے ہم سب کہیں یک زباں ہو بہو

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## تهجد جي پابندي

حضرت سَيِّدُنا علاءُ الدّين علي احمد ڪَلِيَرِيؒ ڇهن سالن جي عمر ۾ باقاعده ظاهري وباطني آداب سان نماز ادا ڪرڻ شروع ڪري ڏني هئي ۽ ڇيو وجي ٿو تہ سَتون سال شروع ٿيڻ تي پاڻ رَحْمَةُاللهِعَلَيْه پابندي سان تهجد جي نماز پڙهڻ شروع ڪئي هئي. الله پاڪ جي عبادت ۾ هر وقت مشغول رهندا هئا. بلڪ نمازِ تهجد کان پوءِ اڪثر پاڻ رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه جي ڪمري مان ذڪرالله جا آواز بڌڻ ۾ ايندا هئا. (فيضانِ حضرت صابرپاڪ،ص8)

## ننڍڙي وهي ۾ ئي روزو رکڻ جو معمول

پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو ننڍڙي وهي ۾ ئي روزو رکڻ جو معمول هيو ۽ لاڳيتو روزو رکڻ جي اها عادت پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي آخري عمر تائين جاري رهي. (فيضانِ حضرت صابر پاڪ.ص9)

## نانگ نہ ڏنگيندو

پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو والد صاحب هڪ ڏينهن اکيون بند ڪيو مراقبي ۾ مشغول هو تہ اوچتو مئل نانگ جو هڪ ٽڪڙو پاڻ رَحْمَةُاللهِعَلَيْه تي ۽ ٻيو ٽڪڙو زمين تي اچي ڪريو. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه صابرپيا رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي امڙ سائڻ کي هن مئل نانگ ڏانهن متوجه ڪيو اهي نانگ جا ٻہ ٽڪڙا ڏسي حيران ٿي ويون ۽ فرمايائين: ڇا مان خواب ڏسي رهي آهيان؟ حضرت سيّدُنا صابرپيا رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه امڙ سائڻ جي تشويش دور ڪندي فرمايو: مون نانگن جي بادشاھ کي ماريو آهي ۽ مون نانگن

ڪان واعدو ورتو آهي ته اهي منهنجي خاندان جي ڪنهن فرد کي نه ڏنگيندا. (فيضان حضرت صابر پاڪ، ص11)

## ٽن سالن ۾ ظاهري علمن جي تڪميل

پاڻ رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه جي والد محترم جو وصال ٿيو ته امڙ سائڻ پاڻ رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه کي پنهنجي ڀاءُ حضرت بابا فريدالدّين مسعود گنجِ شڪر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي حوالي ڪري ڇڏيو. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي انهن صلاحيتن جي ذريعي (جيڪي الله پاڪ ان کي عطا ڪيون هيون) صرف ٽن سالن جي ٿوري عرصي ۾ ڪيئي ظاهري علوم حاصل ڪيا، حضرت بابا فريد رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه ارشاد فرمائن ٿا: عَلاءُ الدّين علي احمد صابر (رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه) ٽن سالن جي عرصي ۾ عربي ۽ فارسي جا ڪتاب فقه، حديث، تفسير، منطق و معاني وغيره علومن جي تڪميل ڪئي. هي سيئي علوم ايترا ته جلدي حاصل ڪري ورتائون جو ڪوئي ٻيو ٻار 15 سالن جي عمر ۾ به حاصل نٿو ڪري سگهي. (حضرت مخدوم علاء الدّين علي احمدصابر ڪليري، ص 48)

## ڏاڏي جي وفات جي اڳواٽ خبر ڏنائون

ننڍپڻ جي زماني ۾ هڪ ڏينهن حضرت صابر پيا ڪَلِيَرِيَ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بابا فريد الدّين گنجِ شڪر رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه کي عرض ڪيو: ٽن سالن کان پوءِ منهنجي ڏاڏي جو انتقال ٿي ويندو. اِهو ٻڌي بابا فريد رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه فرمايو: پٽ! تنهنجو ڏاڏو ته بغداد شريف ۾ آهي ۽ تون هتي؟ (پوءِ توهان کي ڪيئن معلوم ٿيو ته ٽن سالن کان پوءِ ائين ٿيندو) عرض ڪيو: هاڻي مون پنهنجي دل ڏانهن ڏٺو ته بابا

سائين جي صورت سامهون آئي ۽ انهن ساڄي هٿ جون ٽي آڱريون منهنجي طرف ڪنيون ۽ (هي ڏاڏي سائين جي) انتقال ڏانهن اشارو آهي. حضرت بابا فريد الدّين گنج شڪر رَحمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ سندن فراست (يعني سمجهداري) ڏسي ڪائنس سيني سان لاتو.
(تذڪره حضرت صابر ڪليري، ص36)

ہر ولی کا واسطہ عطار پر کیجئے رحمت اے نانائے حسین

## خلافت جي عظيم الشان محفل

رمضان المبارڪ ۾ تهجد جي نماز ڪانپوءِ حضرت بابا فريد الدين گنج شڪر رَحمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ توري دير جي لاءِ آرام فرمايائون ته پاڻ رَحمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ کي ننڊ اچي وئي. پاڻ رَحمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ (خواب جي عالم ۾) ڏٺو ته هڪ اهڙي نوراني جڳهه تي پنهنجي پيرومرشد خواجه قطب الدين بختيار ڪاڪي رَحمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ سان موجود آهن جتي هر طرف نور ئي نور آهي. هڪ عاليشان دربار سجايل آهي اللّٰه پاڪ جا آخري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم موجود آهن. پڻ سلسله چشتيه جا تمام بزرگ به ترتيبوار پنهنجي پنهنجي جڳهن تي موجود آهن. حضرت بابافريد رَحمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جي پيرومرشد خواجه قطب الدين بختيارڪاڪي رَحمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ حڪم ڏنو ته: مخدوم علي احمد (صابر) کي مصطفيٰ جانِ رحمت صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي بارگاهه ۾ آندو وڃي. پاڻ رَحمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ مرشدِ ڪريم جي حڪم تي عمل ڪندي حضرت سيّدنا علي احمد صابر رَحمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ کي بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ڪيو. پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم حضرت سيّدنا علي احمد صابر جي

پنيءَ تي ساڄي ڪنڌ جي طرف ڇميو ۽ فرمايو: ”هٰذَا وَلِيُّ الله“ يعني هيءُ الله پاڪ جو ولي آهي، ان ڪانپوءِ موجود سڀني بزرگن ۽ ملائڪن پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ادا ڪي ادا ڪندي انهيءِ جاءِ کي چميو ۽ چيو: ”هٰذَا وَلِيُّ الله“ پوءِ هرطرف ڪان مبارڪن جو سلسلو شروع ٿيو. هنن مبارڪن جي آواز سان بابا فريدالدّين گَنجِ شڪر رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه جي اک کُلي پئي.

اڳين ڏينهن حضرت بابا فريد الدّين گَنجِ شڪر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ عاليشان محفل ڪرائي، جنهن ۾ حضرت شيخ ابو الحسن شاذلي، حضرت شيخ حميدُالدّين ناگوري، حضرت شيخ بهاءُ الدّين زڪريا ملتاني، حضرت شيخ ابو القاسم گرگاني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم سميت وڏا وڏا علماء و اولياءِ ڪرام شريڪ ٿيا. حضرت بابا فريدُالدّين گنجِ شڪر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سڀني جي سامهون پنهنجي خواب جو تذڪرو ڪيو جنهن کي ٻڌندي ئي اُتي موجود سڀني بزرگن هڪ هڪ ٿي ڪري سيّدنا صابرپيا رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي مهرِ ولايت کي چميو ۽ ”هٰذَا وَلِيُّ الله“ چئي مبارڪون ڏنيون. ان ڪان پوءِ حضرت بابا فريد الدّين گَنج شڪر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي چشتيه خاندان جي امامت و خلافت عطا فرمائي پنهنجي مبارڪ هٿن سان پنهنجي بابرڪت ٽوپي پارائي ۽ سبزسبز عمامي سان پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي دستاربندي فرمائي پوءِ ڪَلِيَرِيَ شهر جي ولايت و خلافت جي سند سڀني حاضرينِ محفل جي سامهون عطا فرمائي. (تذڪره حضرت صابر ڪلير، ص 47)

## نماز سان محبت

پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي نماز سان بيحد محبت هئي ۽ محبت جو سبب پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه اهو بيان ڪيو: نماز ﻧﻪ ڪهڙي ﻧﻪ پياري شيءِ آهي جو حاضري جي برڪت سان دربار(يعني دربارِ الٰهي) ۾ وٺي آئي آهي (يعني نماز الله پاڪ جي بارگاهه ۾ حاضري جو سبب بڻجڻ جي ڪري بهترين عبادت آهي). (تذڪرهءِ حضرت صابر ڪلير، ص 42) پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو لباس ڪرتو، تهبند (گوڏ) ۽ عمامو شريف هو. (حضرت مخدم علاءُ الدين علي احمد ڪليري، ص 80)

## عمامي سان رهڻ عقلمندي جي علامت آهي

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! عمامو شريف مٿي جي زينت، سنت جي پابندي جي سڃاڻپ، مؤمن جي پهچان ۽ علماء و فقهاء و بزرگانِ دين رَحِمَهُمُ اللّٰه جي شان آهي، ان ڪي ڇڏڻ نقصان جو سبب آهي. جنتي صحابي حضرت سيّدنا واثله بن اَسقَع رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ڏينهن جو مٿو ڍڪڻ عقلمندي آهي. (ڪنزالعمال، ڪتاب المعيشة والعادات، فرع في العمائم، جزء: 8،15،/1136)

حضرت علامہ ابنِ جوزي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: عقلمند ماڻهوءَ ڪان اها ڳالهه لڪيل ناهي ته مٿي اگهاڙو رهڻ چڱي عادت ناهي، ڇوته هن ۾ ترڪِ ادب ۽ مُرَوّت جي خلاف ورزي پاتي وڃي ٿي. (تلبيس ابليس، الباب العاشر في ذڪر تلبيسه علي الصوفيه الخ، فصل في ذڪر الادلة ڪراهية الخ، ص 319)

پيارا پيارا سلامي ڀائرو! اسان کي ﺑﻪ گهرجي ﺗﻪ ﻧﻪ صرف نماز جي وقت پنهنجي ربّ جي حضور مٿو ڍڪي حاضر ٿيون بلڪ

هر وقت ئي عمامو شريف سجائي رکون ته هن ۾ گهڻيون برڪتون آهن الله پاڪ جي آخري رسول صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اِعْتَمُّوا تَزْدَادُوا حِلْمًا يعني عمامو شريف ٻڌو توهان جو حلم وڌندو.

حضرت علامه عبد الرؤف مناوي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن حديث پاڪ جي حوالي سان فرمائن ٿا: (عمامو ٻڌو) توهان جو حلم وڌندو ۽ توهان جو سينو وسيع ٿيندو ڇوته ظاهري وضع قطع جو سنو هئڻ انسان کي سنجيده ۽ باوقار بڻائي ڇڏيندو آهي پڻ غصي، جذباتي ٿيڻ ۽ معمولي حرڪتن کان بچائيندو آهي. (معجم ڪبير، عبدالله بن عباس، ج12ص171، حديث:12946)

ان کا دیوانہ عمامہ اور زلف وریش میں

واہ! دیکھو تو سہی لگتا ہے کتنا شاندار

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!   صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## معمولاتِ مبارڪ

پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڏينهن رات الله پاڪ جي ياد ۾ گذاريندا هئا، ماڻهن جي صحبت کان بچندا هئا، اڪثر اوقات خاموش رهندا هئا، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خاموشي ۾ به هڪ ڪشش هئي ۽ جڏهن پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪجھ ارشاد فرمائيندا هئا ته فقط هڪ جملي ۾ ڪيئي سوالن جا جواب عطا فرمائيندا هئا. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي ڪرامتن کي لڪائيندا هئا، جيڪڏهن ڪوئي هن جو ذڪر ڪندو هو ته ان کي نهايت خوبصورتي سان ٽاري ڇڏيندا هئا.

پاڻ رَحْمَۃُاللہِ عَلَيْه تارِڪُ الدّنيا (يعني دنيا کان بي رغبتي رکڻ وارا) بزرگ هئا پر ماڻهن جي اصلاح ضرور فرمائيندا هئا. هنن ئي خوبين جي ڪري پاڻ رَحْمَۃُاللہِ عَلَيْه دنيا جي رونق هئا. (حضرت مخدوم علاءُالدين علي احمد صابر ڪليري، ص 81 ماخوذاً)

غوث وخواجہ داتا اور احمد رضا سے

بھی اور ہر ولی سے پیار ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## محبوبِ الٰهي ۽ حضرت صابرپاڪ

محبوبِ الٰهي حضرت سيّد محمد نظامُ الدّين اولياء رَحْمَۃُ اللہِ عَلَيْه حضرت صابر پيا رَحْمَۃُ اللہِ عَلَيْه جو بيحد احترام ڪندا هئا. پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ عَلَيْه وٽان جڏهن ڪو شخص حضرت صابر پيا رَحْمَۃُاللہِ عَلَيْه جي بارگاهہ ۾ وڃڻ چاهيندو هو تہ ان کي تمام گهڻو احترام ڪرڻ جي تاڪيد فرمائيندا هئا پڻ ارشاد فرمائيندا هئا: طبيعت جي خلاف ڪا ڳالهہ نہ ڪجو. ٻئي بزرگ هڪٻئي کان بيحد محبت ڪندا هئا. (سير الاقطاب مترجم، ص200)

## مرشدِ ڪامل ۽ مريد ڪامل

جڏهن حضرت سيّدنا شمسُ الدّين تُرڪ رَحْمَۃُ اللہِ عَلَيْه فيض وٺڻ جي لاءِ ڪَلِيَر شريف حاضر ٿيا تہ ان وقت پاڻ رَحْمَۃُاللہِ عَلَيْه هڪ وڻ جي هينان تنها عبادت و رياضت ۾ مشغول هئا، لهٰذا شمس الدّين رَحْمَۃُاللہِ عَلَيْه بہ هڪ وڻ جي هينان ويهي تلاوتِ قرآن ڪرڻ لڳا، جڏهن حضرت سيدنا صابر پيا ڪَلِيَرِيءَ رَحْمَۃُاللہِ عَلَيْه جي ڪنن ۾ ڪلامِ الٰهي جي مناس محسوس ٿي تہ پاڻ رَحْمَۃُ اللہِ عَلَيْه ان ڏانهن متوجهه ٿيا ۽ جتان آواز اچي رهيو هو انهيءَ

طرف هلڻ لڳا، جڏهن حضرت شمسُ الدّين رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه تلاوت ختم ڪري مٿو کنيو تہ پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کي سامهون موجود ڏسي گھبرائجي ويا. پر پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه نهايت نرمي سان فرمايائون: ”شمس! گھبرائين ڇو ٿو؟ اسان توسان ڏاڍا خوش آهيون.“ پوءِ پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کي پنهنجي مريدن ۾ شامل ڪري پنهنجي مبارڪ هٿن سان دستاربندي فرمائي. پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه هڪ وڏي عرصي تائين مرشد جي خدمت ۾ رهيا، وضو ڪرائيندا ۽ کائڻ جو انتظام بہ فرمائيندا هئا ائين پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه مرشد جا خدمتگار بڻجي رهيا.

(تذڪره اولياءِ پاڪ و هند، ص 76 ماخوذاً)

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِيۡب!     صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## شمس الدين منهنجو دوست آهي

حضرت سيّدنا صابر پيا ڪَلِيَرِيۡ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي زبان مان نڪرڻ واري ڳالهہ الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ تمام جلد مقبول ٿيندي هئي انهيءَ ڪري پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو لقب ”سيفِ لسان“ بہ آهي. هڪ ڀيرو پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه سيّدُنا شمس الدين تُرڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کي پاڻي آڻڻ جي لاءِ موڪليو تہ سيّدُنا شمس الدين رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کي ٿوري دير ٿي وئي، جڏهن پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه واپس آيا تہ حضرت سيّدنا صابر ڪَلِيَرِيۡ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي مبارڪ زبان مان هي جملا نڪتا: هڪ پيالو پاڻي آڻڻ ۾ ايتري دير؟ شمس الدّين! توکي ڪجھ ڏسڻ ۾ ناهي ايندو ڇا؟ جيئن ئي پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه پاڻي جو پيالو وٺي پيئڻ جي لاءِ وينا تہ حضرت سيّدنا شمس الدّين ترڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي واتان درد ڀريو آواز نڪتو پوءِ يڪدم عرض ڪيائين: ”حضور! مان تہ نابينا ٿي ويس.“ اهو ڏسي حضرت سيّدنا صابر پيا ڪَلِيَري رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه سجدي ۾ ڪري پيا ۽ الله پاڪ جي دربار ۾ عرض ڪيو: ”يا الله! شمس تہ تنهنجي هن گنهگار ٻانهي جو

دوست ۾ اڪيلو ساٿي آهي تون هن جي حال تي رحم فرماءِ.“ جيئن ئي دعا ختم ٿي تہ حضرت سيّدنا شمس الدّين تُرڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جون اکيون واپس اچي چڪيون هيون. (فيضانِ حضرت صابر پاڪ،ص38)

## نظرِ صابر جو انتخاب

پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه حضرت سيّدنا شمس الدين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سان بيحد محبت ڪندا هئا، هڪ ڀيرو پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: ”اي شمس! تون منهنجو پٽ آهين، مون الله پاڪ کان گهريو آهي تہ منهنجو سلسلو توهان مان هلي ۽ قيامت تائين رهي.“ (تذڪره حضرت صابر پاڪ،ص38) آخري عمر ۾ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي هٿ سان خلافت نامو لکي حضرت شيخ شمس الدّين ترڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي خلافت عطا فرمائي ”پاني پٽ“ جو صاحبِ والايت مقرر فرمايو. ۽ اسمِ اعظم جيڪو بزرگن کان هلندو پئي آيو ان جي تلقين ڪئي ۽ هي وصيت فرمائي:” تن ڏينهن کان وڏيڪ هتي نہ رهجو، الله پاڪ اوهان کي پاني پٽ جي ولايت عطا فرمائي آهي، اوڏانهن وڃي رهجو ۽ پٽڪيل ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪندا رهجو، مان هر هنڌ تنهنجو معاون رهندس.“ حضرت شيخ شمس الدين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بارگاهِ مرشد ۾ عرض ڪيو: حضور! منهنجو اِرادو اِهو هو تہ باقي عمر (اوهان جي) آستاني عاليہ جو ٻهاريدار بڻجي خدمت ڪندو رهان، هاڻي اوهان جو حڪم آهي تہ پاني پٽ هليو وڃان. پر اُتي شيخ شرف الدّين بوعلي قلندر پاني پتي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه موجود آهن خبر ناهي تہ اهي مونسان ڪهڙي طرح سان پيش ايندا؟ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمايو: گهبراءِ نہ تنهنجي اُتي پهچندي ئي اهي اتان کان هليا ويندا. (فيضان حضرت صابرپاڪ،ص39)

## وصال شريف

پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ پيرو شمس الدين تُرڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي فرمايو: جڏهن توکان ڪا ڪرامت ظاهر ٿئي تہ سمجهي ونجان تہ منهنجو وصال ٿي ويو آهي. جنهن ڏينهن حضرت سيّدنا شمس الدين ترڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان ڪرامت ظاهر ٿي تہ پاڻ فوري طور ڪلير شريف پهتا، حضور صابر پيا ڪَلِيَرِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو وصال شريف 13 ربيع الاول 690 هجري بمطابق 15 مارچ 1291 ۾ ٿيو ۽ حضرت شمس الدين تُرڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪفن دفن جي خدمت سرانجام ڏني. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي مزار شريف ڪلير شريف ضلع سهارن پور (يوپي) هند ۾ نهرِ گنگ جي ڪناري تي واقع آهي. (فيضانِ صابر پاڪ، ص 41)

## مزار جي بي حرمتي ڪندڙ تي هتوهتي سزا

حضور صابرپيا ڪليري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي مزار شريف پرسان هڪ ڪافر گذري رهيو هو، ان جڏهن اِهو ڏٺو تہ مزار شريف تي ڪوبہ موجود ناهي تہ ان جي نيّت خراب ٿي ۽ ان مزار شريف شهيد ڪري پنهنجي عبادت گاهہ تعمير ڪرڻ جو سوچيو تنهنڪري ان پنهنجو ناپاڪ ارادو پورو ڪرڻ جي لاءِ هڪ اوزار ڪنيو ۽ اوزار سان مزار انور کي ٽوڙڻ لڳو تہ اچانڪ ان جي نظر مزار شريف جي روشندان تي پئي جستجو سان ان روشندان مان جهاتي پائي اندر ڏسڻ چاهيو پر ان جو مٿو ڦاسي پيو ۽ ساهہ گهٽجڻ جي ڪري اهو اتي ئي تڙپي تڙپي مري ويو. رات جو مزارشريف جي خدمتگارن جي خواب ۾ حضرت سيّدنا صابرپيا ڪليري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تشريف کڻي آيا ۽ ارشاد فرمايو: **”هڪ شخص گستاخي جي اِرادي سان منهنجي مزار جي احاطي ۾ آيو هو ان کي سزا ملي چڪي آهي هاڻي اهو مزار جي روشندان سان لٽڪيو پيو آهي ان کي اچي ڪڍيو**

وجي.“ ٻئي ڏينهن اهي خدمتگار پنهنجي ساٿين سميت مزار تي حاضر ٿيا، ان ڪافر کي چوکٽ ٻاهر ڪڍيائون ۽ ان جي لاش کي جهنگل ۾ ڦٽو ڪري ڇڏيائون. (تذکرہ اولیاءِ برصغیر، ج2 ص5 ملخصاً)

اللہ غنی! شان ولی راج دلوں پر     دنیا سے چلے جائیں حکومت نہیں جاتی

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!     صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! اولياءِ ڪرام رَحِمَهُمُ الله کان بغض و عداوت رکڻ ۽ انهن جي گستاخي ڪرڻ ۾ ڪا ڀلائي ناهي بلڪ دنيا و آخرت جي بربادي آهي.

حضرت علامہ ابن عابدين شامي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: اولياءالله رَحِمَهُمُ الله الله پاڪ جي دربار ۾ ڪيئي درجا رکندا آهن ۽ پنهنجي مزارن تي ايندڙن کي پنهنجي ڪمالات جي اعتبار سان نفعو پهچائيندا آهن. (رَدُّ الْمُحتار، کتاب الصلوٰۃ، مطلب في زيارة القبور، ج3 ص 17)

جو ہو اللہ کا ولی اس کا     فیض دنیا میں عام ہوتا ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!     صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## صابر پيا ڪليَري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو سلام اميراهلسنت جي نالي

ماهِ رضا صفرالمظفر 1441 هجري بمطابق اڪتوبر 2019 تي عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مرڪزي مجلسِ شوريٰ جي رڪن حاجي وقار المدينه عطاري (مدظلہ العالی) کي هڪ ڪرنل صاحب صوتي پيغام (Voice message) موڪليو. (جنهن جو خلاصو ڪجهه هن طرح آهي) ته مون خواب ۾ حضور صابر پيا ڪَلِيَري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي

زيارت ڪئي پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه مون کي ٻه پيرا ارشاد فرمايو: "**الياس قادري کي منهنجو سلام چئجان**" ۽ هيءُ ٻه ارشاد فرمايو: مون سان گڏ پيا ڪوڙ بزرگ آهن اهي ٻه (امير اهلسنت کي) سلام چئي رهيا آهن. هي ٻه فرمايو تہ "**انهن کي تندرستي مبارڪ هجي**".

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! سنن خوابن جي وڏي اهميت آهي، جيئن بخاري شريف ۾ آهي: الله پاڪ جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمانِ عاليشان آهي: نبوت مان مبشرات کانسواءِ ٻيو ڪجهه باقي ناهي رهيو تہ صحابہ عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان عرض ڪيو "مبشرات" ڇا آهن؟ تنهن تي ارشاد فرمايائون: سنا خواب پاڻ مسلمان ان کي پنهنجي لاءِ ڏسي يا ڪو ٻيو ان جي لاءِ ڏسي. (صحيح بخاري، ج4 ص 404، حديث:4990)

تمہارا فضل ہے جو میں غلامِ غوث وخواجہ ہوں
نہ ہو کم اولیا کی دل سے الفت یارسول اللہ

## جتن بابت اهم هدايتون

ٻه فرمانِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: (1) جڏهن قضاءِ حاجت جي لاءِ ويهو تہ قبلي ڏانهن منهن نہ ڪيو ۽ نہ ئي پٺي. (بخاري شريف ج1 ص155، حديث:396) (2) جيڪو قضاءِ حاجت جي وقت قبلي ڏانهن منهن ۽ پٺي نہ ڪري تہ ان جي لاءِ هڪ نيڪي لکي ويندي آهي ۽ هڪ گناهہ متايو ويندو آهي. (معجم اوسط ج1 ص362، حديث:1321) جيڪڏهن جڳهہ جو نقشو بنائيندي وقت آرڪيٽيڪٽ (يعني جڳهہ جو نقشو ٺاهيندڙ) ۽ بلڊرز وغيره سنين سنين نيتن سان هيٺ ڏنل چند ڳالهين تي عمل ڪن تہ تمام گهڻو ثواب ڪمائي سگهن ٿا: (1) واش روم ۾ w.c جي سيٽنگ اهڙي هجي جو ويهڻ وقت چهرو يا پٺي قبلي کان 45 ڊگري ٻاهر رهي ۽ سولائي هن ۾

آهي تہ رخ قبلي کان 90 ڊگري تي هجي يعني نماز ۾ ٻنهي پاسي سلام ڦيرڻ ۾ جنهن طرف چهرو ڪندا آهيون انهن ٻنهي طرفن مان ڪنهن هڪ طرف w.c جو رخ رکو. فقھ حنفي جي مشهور ڪتاب”درمختار“ ۾ آهي: قضاءِ حاجت ۽ پيشاب ڪندي وقت قبلي جي طرف چهرو يا پٺي ڪرڻ ناجائز و گناھ آهي. (درمختار ج1 ص608) (2) ڦوهارو، نل (Shower) لڳائڻ ۾ بہ اها ئي احتياط ڪئي وڃي تہ جيئن اوگهاڙو وهنجڻ وارو قبلي جي طرف منهن يا پُٺي ڪرڻ کان بچيل رهي. اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: ”اوگهڙ واري حالت ۾ قبلي ڏانهن منهن يا پٺي ڪرڻ مڪروھ و خلافِ ادب آهي.“ (فتاويٰ رضويہ ج23، ص349) (3) بيڊروم ۾ پلنگ جي سيٽنگ بہ اهڙي طرح ڪئي وڃي جو سمهڻ مهل پير قبلي ڏانهن نہ ٿين، گهٽ ۾ گهٽ 45 ڊگري ٻاهر رهن. ”فتاويٰ شامي“ ۾ آهي: ”ڄاڻي واڻي قبلي ڏانهن پير ڪرڻ مڪروھِ تنزيهي آهي.“ (ملخص از فتاويٰ شامي ج1 ص 208،210) (4) فرض ڪيو جيڪڏهن w.c يا ڦوهاري، نل، يا کٽ، پلنگ وغيره جو رخ غلط هجي تہ اوگهڙ واري حالت ۾ منهن يا پٺي قبلي ڏانهن ٿيندي هجي يا سمهڻ وقت پير ٿيندا هجن تہ استنجاء ڪرڻ واري يا وهنجڻ واري يا سمهڻ واري کي هر حال ۾ ان جو خيال رکڻو پوندو تہ اهو اوگهاڙو ٿي قبلي ڏانهن منهن يا پٺي نہ ڪري ۽ ائين پير نہ ڦهلائي.

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

## نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ

هر جمعرات نماز مغرب کان بعد اوهان جي علائقي ۾ ٿيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ الله عَزَّوَجَلَّ جي رضا جي لاءِ سُٺين سُٺين نيّتن سان سڄي رات شرڪت فرمايو. ❁ سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏهر مهيني ٽي ڏينهن سفر ۽ ❁ روزانو ”فڪر مدينہ“ جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ ۾ پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

**منهنجو مدني مقصد:** ”مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي“ اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پنهنجي اصلاح جي لاءِ ”مدني انعامات“ تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ ”مدني قافلن“ ۾ سفر ڪرڻو آهي. اِنْ شَآءَ اللّٰه عَزَّوَجَلَّ











عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net